ڊاڪٽر راز شاهاڻي

# ڪلاسيڪي شاعري: ابتدائي سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جو ڪلام ۽ فلسفو


***Abstract:***

*Sindhi classical poetry represents one of the richest literary traditions in South Asia, rooted in deep spiritual inquiry, cultural expression, and philosophical reflection. The early classical poets of Sindh laid the foundation of this tradition by blending indigenous thought with broader mystical and metaphysical ideas. Their works not only shaped the literary identity of the region but also articulated a worldview centered on unity, love, and the human quest for truth.*

*The initial classical poets' i.e. Qazi Qadan, Makhdoom Nooh, and Bulri Shah Karim etc., emerging between the medieval and early modern periods, drew significant inspiration from Sufi philosophy. Their poetry reflects a profound engagement with themes such as divine love, self-realization, and the transient nature of worldly existence. Rather than focusing on formalism alone, these poets used simple yet symbolic language to communicate complex spiritual ideas, making their work accessible to the common people. Through allegory and metaphor, they expressed the soul's longing for union with the Divine, often portraying human love stories as representations of spiritual journeys.*

*In conclusion, Sindhi classical poetry is not merely a literary tradition but a philosophical discourse that continues to resonate across generations. The initial classical poets played a crucial role in shaping this legacy by intertwining poetic beauty with profound spiritual teachings. Their work remains relevant today, offering timeless wisdom on love, humanity, and the search for meaning.*


## ڪلاسِڪ: وصف ۽ اصطلاح:

لفظ ’ڪلاسِڪ‘ (اسم ۽ صفت) ۽ ’ڪلاسيڪل‘ (صفت) جي مروج وصف ۽ اصطلاح بابت آڪسفورڊ انگلش- اُردو ڊڪشنريءَ ۾ جاٽايل آهي:

”Classic (adjective & noun) :

Adjective: "(الف) اول درجے سے تعلق رکھنے والا، مانی ہوئی لیاقت یا خصوصیت والا، (ب) نمایاں طور پر قابل شناخت، ) خاص اہمیت رکھنے والا:

Noun: کلاسیکی انداز یا مزاج کا مصنف، آرٹسٹ، فنی نمونا یا مثال۔

(الف) قدیم عہد کا یونانی یا لاطینی ) مصنف، (ب) (جمع میں) قدیم یونانی، لاطینی ادب و تاریخ کا مطالعہ (ج) قدیم: یونانی، لاطینی ادب العالیہ کا جاننے والا، فاضل ادب العالیہ۔

Classical (Adjective) :

(الف) قدیم یونانی اور لاطینی ادب) اور آرٹ سے متعلق (ب) قدیم مستند مصنفین کے محاورے ولب ولہجے کی زبان)، (ج) قدیم یونانی ولاطینی پر مُبنی (د) کلاسیکی یا قدیم کے مطالعے کا ماہر:"[1]

ڪلاسِڪ ’Classic‘ ۽ ڪلاسيڪل ’Classical‘ جي ڌار ڌار معنيٰ بيھندي: ڪلاسِڪ ’Classic ‘ (صفت) معنيٰ ’اعليٰ قسم جو ۽ شاندار‘ 1.ڪلاسيڪل (اسم) معنيٰ: ھڪ يوناني يا رومن ليکڪ يا اُن جو ادبي ڪم، (ڪلاسِڪ سان لاڳاپيل) 2.ڪلاسيڪل (صفت) معنيٰ: ڪلاسِڪ+ال ’سڀ کان اعليٰ درجو‘.

## ڪلاسيڪي شاعري:

بُنيادي موضوع ’ڪلاسيڪي شاعري‘ آھي، تنھنڪري پھرين اِھو ڏسجي ته ڪلاسيڪي شاعريءَ جي لاءِ ڇا ٿو چيو وڃي.؟

**ترجمو:** ”ڪلاسيڪل شاعري اُھا شاعري آھي، جنھن جا سِرا ڪلاسڪ ازم سان ڳنڍيل آھن ۽ اُھا جذبن جي محدود اظھار کي يقيني بڻائي، اُن جي سادگي ۽ واضح اظھار تي زور ڏئي ٿي. اُھا ’گھٽ کان وڌيڪ‘ ذھنيت تي زور ڏيندي، شين کي جمالياتي طور تي خوبصورت بڻائيندي آھي ۽ اُن کي ڪمال جو ظھور ڏئي ٿي. اھڙي نُڪتي ۾ واقعاتي شعر، مزاح نگاري ۽ اعليٰ تخيُلاتي شعر شامل آھن. قديم يونان ۽ روم ۾ ڪلاسيڪل ازم، رومانٽڪ ازم يا حقيقت پسنديءَ جي ڀيٽ ۾ جمالياتي روين کي ھٿي ڏئي ٿو. رومانٽڪ ازم جو ڌيان اُن تي مرڪوز رھي ٿو ته اسان جي دل جيڪا چاھي دُنيا کي ائين ھجڻ گھرجي ۽ حقيقت پسند دُنياداريءَ سان لھ وچڙ ڪري ٿو. ڪلاسيڪل ازم زندگيءَ جو معقول نظريو پيش ڪري ٿو. ڪلاسيڪل ازم انفرادي حاصلات کان وڌيڪ اجتماعي سادگيءَ جو جشن ملھائي ٿو.

ڪلاسيڪل شاعري شاندار روايتن جي مھانتا ۽ اُن جي موضوعن کي ڳوڙھائپ سان اُجاگر ڪري ٿي. ھيءَ رسائيءَ جو وسيع ذريعو آھي، جيڪو نظرياتي ٻولي نه ٿو ڳالھائي، پر تجربي کي اُجاگر ڪري ٿو. ڪلاسيڪل ازم قديم روم جي ثقافت جي برعڪس ھو، جيڪو پرتشدد ۽ جنسي معاملن ۾ گھٽو اُلجھيل ھو.“(2)

## ڪلاسيڪي شاعريءَ جي تاريخ :

ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جي تاريخ لکندي گھڻا پڙھندڙ ابھام ۾ پوندا آھن ۽ اُن کي سنڌي شاعريءَ جي تاريخ سمجھن ٿا. ھِتي اِھا وضاحت ضروري آھي ته اسان فقط سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي تاريخ جي ڳالھ ڪنداسين.

ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جي باقاعدي شروعات قاضي قادن (1551—1463ع) کان سمجھي وڃي ٿي ۽ اُن کي پھريون وڏو شاعر قرار ڏنو ويو آھي.

”اھڙيءَ طرح سنڌي شاعريءَ ۾ محض ’ڳالھ ۽ بيان‘ جي بدران ’فڪر ۽ معنيٰ‘ جا پيوند لڳڻ شروع ٿيا. آسانيءَ خاطر قصن ۽ ڳالھين جي قالب کي تمثيل طور استعمال ڪري، حق ۽ حقيقت جي نُڪتن کي نروار ڪيو ويو ۽ انساني اخلاق ۽ روحاني سربلنديءَ جي راھ کي روشن ڪيو ويو. فڪر ۽ خيال سان لبريز ھن اخلاقي ۽ عارفانه شاعريءَ جي شروعات سان، ’سنڌي اساسي شاعريءَ‘ جو سلو سائو ٽيو جو اسان کي قاضي قادن (1551-1463) جي ڪلام ۾ نکرندو نظر اچي ٿو.“(3)

’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘ ۾ ڊاڪٽر بلوچ، قاضي قادن بابت لکي ٿو. ”قاضي قادن سنڌي ٻوليءَ جو پھريون وڏو شاعر آھي. ھُو سنڌي شاعريءَ جو ابو ھو.“(4)

**ابتدائي سنڌي ڪلاسيڪي شاعري ۽ فلسفو:**

ابتدائي ڪلاسيڪي شاعرن ۾ قاضي قادن کان مبين شاهه عنات تائين ڪلاسيڪي شاعريءَ جا ٻه ٽي اهم نالا آهن. سندن ڪلام ۾ فلسفياتي نُڪتن جا مثال پيش ڪرڻ کان اڳ، ڪلاسيڪي شاعريءَ جي فلسفي بابت ڏسنداسين ته اُن جي لاءِ محققن جو ڇا چوڻ آهي؟

”شعر جا آڳاٽا نمونا، جيڪي اسان جي هٿن تائين رسيا آهن، تن تي مذهب ۽ تصوف جو گوڙهو صبغو چڙهيل آهي.“[(5)]

ڪلاسيڪي شاعريءَ ۽ تصوف جو تعلق بُنيادي آهي، جنهن بابت ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو لکي ٿو: ”يارهين/سترهين صدي سنڌ ۾ شاهه لطف الله قادري (وفات 1679/1090) نهايت اهم صوفي شاعر آهي.“[(6)] جڏهن ته مبين شاهه عنات جي باري ۾ لکي ٿو ته: ”شاهه عنايت جي شاعري سنڌ ۾ صوفيانه شاعريءَ جي اهم ڪڙي آهي.“[(7)]

ڪلاسيڪي شاعريءَ بابت لڳ ڀڳ سمورا محقق اِن ڳالهه تي متفق آهن ته اُن جو فلسفو تصوف کان گهڻو متاثر آهي، جنهن تحت انساني اخلاق، قدرن ۽ روحاني تربيت تي گهڻو زور ڏنل آهي. تصوف هڪ بين القوامي نُڪته نظر ۽ فلسفو آهي. جنهن تي اسلام کان اڳ موجود مختلف فرائج المروج فِڪرن جهڙوڪ. هندو ازم جي ويدانت ۽ ادويت، عيسائيت جي مسٽيزم، نوفلاطونيت وغيره جو گهرو اثر آهي. هونءَ تصوف لاءِ عام رايو آهي ته، ”هيءُ لفظ ’صوف‘ يعني اُن يا پشم مان نڪتل آهي. جنهن مان ٺهيل لباس عيسائي صوفي يا اڳيان فيلسوف پائيندا هئا.“[(8)]

تصوف جي تشريحي معنيٰ جي روشنيءَ ۾، سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي فِڪر کي ڏسنداسين ته اُها هوبهو اِن جي فڪري سانچي ۾ ڍليل ملي ٿي. هِن ڏس ۾ ابتدائي سنڌي ڪلاسيڪي شاعر طور قاضي قادن جو ڪلام دستياب ٿيو آهي.

**قاضي قادن:**

قاضي قادن (1463ع -1551ع) کي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو بُنيادي يعني پهريون شاعر چيو وڃي ٿو.

قاضي قادن جنهن دور ۾ ٿي گذريو آهي، اِهو دور اخلاقي ۽ روحاني طور وڏي بُحران جو شڪار رهيو. ديني توڙي دنياوي تعليم جا گهٽ موقعا دستياب هئا. تنهن ڪري سماجي اخلاق، اخلاقي قدرن ۽ اخلاقي تربيت جا سماج لاءِ وڏا اهم چئلنج هئا. رياست رٽ يا قانون تحت جَزا ۽ سزا جو ڪو خاص تصور نه هو. تنهنڪري جُرم، مجرم جو خاص پيشو ۽ جيڪو جيڏو وڏو ڏوهي اُهو اوڏو چڙواڳ ۽ بي رحم هوندو هو. نتيجي طور سماج تي وڏو دٻاءَ ڏوهن کان پاڪيزگيءَ جا چئلينجز درپيش هئا. تنهنڪري قاضي قادن يا سندس همعصر ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام ۾ اخلاقي ۽ روحاني تربيت تي تمام گهڻو زور ملي ٿو ۽ سندن موضوع تصوف تحت، گهڻو ڪري انساني سماج سان سلهاڙيل رهيا. انسان جي اخلاقي ۽ شعوري تربيت ۽ بُلند سماجي ڪردار سندس فڪر جو چڙ ته مشن رهيو آهي.

(1)

”يڳا ساجا نه ٿئي، من موتاهل ڪڇ
ڪنين سُٽا نه منيئي، اک ڏٺو سچ“[(9)]

(2)

”مڪڻ مڪي ، ان کي، ملان ڪٿي ڪين،
پُڇ ڪڏهين پي تن کي، هو جي رب گهرنِ.“[(10)]

بيت نمبر (1) ۾ انساني اخلاق ۽ سماجي تربيت جڏهن تہ بيت نمبر (2) سماجي ڀلائيءَ جو ڪارگر فلسفو ڪارفرما آهي. "ڀڳو سچو نہ ٿئي هڪ موتي ڀيو من" جي چوڻي سنڌ ۾ رائج آهي ۽ بيت نمبر هڪ ۾ ساڳي هدايت دُهرايل آهي تہ ڪنهن جي دل ڏکوئڻ جائز فعل نہ آهي، تنهن ڪي دهرائڻ نہ گهرجي ۽ ساڳي ريت ڪنئين ڀڃي ڳالهہ تي پڻ اعتبار نہ ڪجي ۽ اِهو وثوق ۽ ڀروسي جو ڳُو آهي، جوڳ اوهان پنهنجي اکين سان ڏٺو هُجي. بيت نمبر (1) پنهنجي فلسفي ۾ انساني اخلاق جي بُلند تربيت جو پيغام رکي ٿو جڏهن تہ منجهس هدايت ۽ خبرداريت جو پيغام پڻ سمايل آهي. ساڳي ريت بيت نمبر (2) ۾ سماجي متڀيد ۽ استحصال جو ذڪر آهي. مُلان جي ڪردار ۾ مانيءَ سان مڪڻ ملائي ڪائڻ جي ڳالهہ ڪندي قاضي قادن چوي ٿو تہ مُلان يعني آسودو، بالادست، طاقتور ماٺهو ڀلي پيو مڪڻ ملائي ڪائي پر احساس اُنهن غريبن يعني سماج جي هيٺين طبقي جو ٿيڻ گهرجي، جيڪي سخت پورهيي ۽ محنت باوجود، خالي رب ڪائڻ کان بہ لاچار آهن.

قاضي قادن کي تصوف تحت، سماجي فلاح جي موضوع تي مڪمل دسترس حاصل آهي ۽ مختلف موضوعن تي هُن جيڪي تشبيهون، حوالا، اشارا ڪنعايا ڪم آندا آهن، اِهي سڀ ديسي ۽ مقامي ۽ آسپاس جي ماحول مان ڪنيل آهن، تنهن ڪري سندس ڪلام ۾ وڌيڪ جاذبيت ۽ چڪ پيدا ٿئي ٿي ۽ بلاشڪ اُن کي هڪ سماج سُڌارڪ شاعر طور متعارف ڪرائين ٿا: تصوف تحت انساني غفلت ۽ گُمراهي کي ننديڻ جو مثال :

ستو سڄي رات، مُهہ ڍڪي مٺن جيئن
نہ تون سنبل تات، نہ جهوري تو آهہ ڪا.[11]

بيت ۾ گُمراهي ۽ غفلت ۾ گُذارڻ جو فِڪر سمايل آهي. ۽ قاضي قادن فرمائي ٿو تُون سڄي رات بي اونو ٿيو ستو پيو آهين ۽ اهڙو جهڙو مٺن وانگي مُنهن وجهي. توکي سياڻي جي ڪا ڳڻتي ناهي. بيت جي فلسفي ۾ انسان کي غلفت مان بيدار ٿيڻ جو سبق سمجهايل آهي.

**مخدوم نوحؒ:**

تاريخ جي ڪتابن ۾ مخدوم نوحؒ(1500ع -1586ع) جي بزرگي ۽ عظمت جو وڏو ذڪر آهي، پر هڪ شاعر جي حيثيت ۾ ڪيس تمام گهٽ نوٽ ڪيو ويو آهي. حالانڪ فِڪر ۽ فلسفي جي لحاظ کان سندس ڪلام نهايت ڳوڙهو ۽ فصيح آهي. ڪٺي اِهو مقدار جي حساب سان ٿورو دستياب آهي، پر پوري وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ هُن رُڳو اِهي دستياب ست يا اٺ بيت ڪو نہ لکيا هوندا، سندس ٻيو بہ ڪلام يقينن هوندو. سندس شعر جو فلسفو خُدا ترسي، رحم دلي، انسانيت ۽ مظلوميت جو احساس، قدرشناسي، ويراڳ، همدردي ۽ انسان جي اُتم پٽي جي احساس وغيره تي مشتمل آهي.

پيئي جا پرياتِ، سا ماڪ نہ پاڻيو ماڻهوئا،
روئي چڙي رات، ڏسي ڏکوين کي.[12]

هيءُ شعر ڳوڙهي 'همدرداڻ' فلسفي تحت چيل آهي ۽ اُن ۾ ڏکويلن ۽ غمزده انسانن جو درد نهايت دل ريز انداز ۾ بيان ڪندي چيل آهي تہ: "اي ماڻهئو! هيءُ اوهان صُبح صُبح ويل گُلن ڦُلن تي ماڪ جا ڦُڙا ڏسو ٿا، اِهي درحقيقت رات جي اکين جا ڳوڙها آهن، جيڪي هُن بيوس ۽ لاچار ماڻهن جي بيوسيءَ تي وهايا آهن (جو ڪو هيٺي جي همراهي ڪرڻ وارو ڪو نہ آهي.) شعر جي فلسفي ۾ لاچار ۽ بي وس ماڻهوءَ جي ڏُک ۽ مايوسيءَ جو دردانگيز بيان آهي. ڏکويلن جي همدرديءَ ۾ رات جا ڳوڙها وهائڻ ، شعر جي مفهوم کي تمام وزندار بڻائيندي، مظلوم ماڻهوءَ لاءِ بيش قيمت همدرداڻو ماحول جوڙڻ جي مترادف آهي،

جيڪو مخدوم صاحب جھڙي صاحب ڪردار شخص جو نهايت شاندار شعري مثال آهي. اِهو حالتن جي بي رحميءَ ۾ گُذاريندڙ سنڌ جي ماڻهوءَ لاءِ موافق ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش بہ آهي تہ هُو همدردي ۽ مدد جي مستحق آهي تہ سندس واهر ڪئي وڃي.

ابوبڪر آءُ، سامين سفر چتائيو،
متان تي پڻُاءُ، سارين سناسين ڪي.[13]

هن شعر ۾ آخرت تي يقين ۽ اُن جي سفر تي اُسھڻ جو وسيع فلسفو سمجھائيندي، دُنيا جي عارضي قيام گاهہ هئڻ جو خيال پيش ڪيل آهي. ڪنهن شخص کي تمثيلي طور مُخاطب ٿي، وچوڙي جو احساس محسوس ڪرائيندي چيل آهي تہ: ابوبڪر! اچ (گھڙي ڪن روح رهاڻيون ڪيون) جو سامين کي سفر (آخرت) جو سانباهہ ٿيو آهي. متان پوءِ سنياسين کي ساري توکي پڇتاءُ ٿئي. شعر جي فلسفي ۾ دُنيا جي عارضي ۽ ناپائيدار هُجڻ جو تاثر ڏيندي ڏسيل آهي تہ هيءُ انسان جو حقيقي ٽِڪاڻو نہ آهي بلڪ هڪ ڏينهن ڪيس آخرت جي سفر تي اُسھڻو آهي.

اُپٺيان تہ اَنڌيون، پُوريُون پرين پَسَن،
آهي اڪڙين، عجب پر پسڻ جي.[14]

پرينءِ کي پسڻ لاءِ اڪڙين جا عجب اسرار آهن. جي اُهي کوليان ٿو تہ (جھڙيون) انڌيون، پر جي پُوريان (ٻوٽيان) تہ پرينءِ (حق) نظر اچي ٿو. هيءَ اڪڙيون ڇا تہ اڪڙيون آهن ۽ ڇا تہ پرينءِ کي پسڻ جا سندن انداز آهن.

نہ سي جوڳي جوءِ ۾، نہ سا سُکي ڇاٽ،
ڪاپڙين ڪنوات، وڏي ويل پلاڻئا.[15]

حُسن خلق ۽ نيڪيءَ جي خاصيت رکندڙ هِن شعر جي فلسفي ۾ هڪ نيڪ انسان جي وڇوڙي جو ويراڳ ڏسيندي، سندس حُسن اخلاق ۽ نيڪي بيان ٿيل آهي، جنهن ۾ شاعر چوي ٿو تہ: "اُهي جوڳي (نيڪ، پرهيزگار) جِن جي دم سان رونق هُئي، اڄ جُوءِ ۾ آهن نہ اُهو مزو ۽ محفلون آهن، جيڪي سندن هوند سان قائم دائم هُيون.

پريان پنڌُ ڪري، ڏوران جي اچن
سائين سندس تن، ڏکندا ڏور ڪرئين.[16]

’آئي جو آڏرياءُ‘ واري خاصيت جي ترجمان هِن شعر جي پيغام ۾ انسان جي انسان سان اندروني سِڪ ۽ اُڪير جي تصوير ڪشي ۽ اُن جي اهميت بيان ڪيل آهي. شعر جي مفهوم ۾ آهي: "جيڪي انسان دِل ۾ حُب رکن ٿا ۽ پري کان پنڌ ڪري (سِڪ ۽ اُڪير سان ٻِئي سان مِلڻ اچن ٿا) سائين (ٻاجھارو رب) اُنهن جا ڏُک ڏور ڪندو.

متان ڏسي موهجين، دنيا وارو ڏڄ،
جُدا ڪر جودئون، ڇائيءَ کي ٿي ڇڄ،
اڄ نہ ٿي سُيان، سيان نہ ٿئي اُڄ،
نرمل نوح فقير چئي، ڪر رب سان ريجهي رڄ،
منيون پيڙي پڄ، وقت وڃئي ٿو ويسلا.[17]

هيءَ شعر ’عبادت‘ ۽ ’انساني مساوات‘ جي خاصيت جو حامل آهي. جنهن ۾ لالچ، دُنيا داريءَ (عارضي شين) سان دل نہ لڳائڻ جو درس ڏنل آهي، جيڪو انساني فلاح جو اهم رستو آهي. شعر جي پيغام ۾ آهي : "دُنيا (هيءُ جهان) جي سونهن ۽ سڄ ڏڄ ڏسي متان موهجي (هِرڪي) پئين، اِها جلدي جوڏا جدا ڪندي آهي."

**شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو:**

شاهه عبدالڪريم المعروف بُلڙيءَ شاهه ڪريم (1538ع–1626ع) بن لعل محمد ڪي سنڌ جو 'چاسر' سڏيو وڃي ٿو. سندس شاعري، ڪلاسيڪي شاعرن ۾ اهم حيثيت جي حامل آهي. سندس صبر ۽ شُڪر ڏيهان ڏيهه مشهور هو. بُنيادي طور سندس ڪلام بہ تصوف تحت چيل آهي، پر منجهس ناصحاڻي رمز ۽ پاڻ سُڃاڻ جو فِڪر وڏيڪ حاوي آهي. هُن عوامي موضوعن ۽ سنئوٽن سانئن، ريتن رسمن تحت بہ جام شعر چيو آهي.

(1)

چرئَن جِئَن چت ڪري، سَڳَ سيپئي چِنَ

جي پائيين پريءَ مِڙان، تہ مت مُوجي ڳِنَ.[18]

(2)

پيرين پاڻُ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هو لَهُ،

تَها ڏار نہ سُپَرين، مَهُ مَنجهين پاءِ.[19]

اسان مٿي ڏسي آيا آهيون تہ شاهه ڪريم صاحب تصوف تحت پاڻ سُڃاڻ واري فلسفي ڪي اوليت جي بُنياد تي ورجايو آهي ۽ سندس مٿيان ڏنل ٻئي بيت ساڳئي فِڪر جي نمائندگي ڪن ٿا. بيت نمبر پهرين ۾ انسان ڏانهن اشارو ڪري فرمائين ٿا، جي تُون سمجهين ٿو تہ دوست ڪي مِلان، ان جي صحبت نصيب ٿئي تہ منهنجي هدايت مڃ ۽ سمورا ناتا رشتا ڇني ڇڏ ۽ پنهنجي دل ديوانن وانگر ڪري ڇڏ تہ جيئن محبوب جي صحبت حاصل ڪري سگهين.

بيت نمبر ٻہ ۾ فرمائين ٿا، اي بندا! حق گوئي ۽ سچائي تہ تنهنجي پنهنجي جيءَ ۾ آهي. تُون هرويرو هتوراڙيون پيو هٽين؟ تنهن ڪري سچائيءَ جي تلاش پنهنجي اندر ۾ ڪر، پنهنجي اندر ۾ جهاتي پاءِ توکي معلوم ٿئي تہ سپرين تہ تو کان ڌار نہ آهي.

دُنيا جا سمورن اصلاح پسندن، صوفين ۽ اڪابرن سماجي ترقيءَ ڪي، شخصي اصلاح جو پيش خيمو سمجهيو آهي. تنهنڪري شاهه ڪريم صاحب هنن بيتن ۾ پاڻ سُڃاڻ جي فلسفي تحت سماجي فلاح جو تمام وڏو خيال پيش ڪيو آهي.

پاڙيهاري سِر ٻَهڙو، جَر تي پَڪي جِئَن،

اَسان سَڄڻُ تِئَن، رهيو آهي رُوح ۾.[20]

شاهه ڪريم جي شاعريءَ ۾ موضوعن جي وڏي گوناگونيت آهي ۽ سندس ٻولي پڻ اڳوٽي نج سنڌيءَ جي لفظن تي مشتمل آهي. هن بيت ۾ محبت يا مقصد سان وابستگيءَ جو لازوال مِثال آهي. محبت ۾ پاڻ ارپڻ جو اعليٰ انداز اپنايل آهي ۽ بيت جو مفهوم دل ۾ لهي ويندڙ محسوس ٿئي ٿو. سندس ڪلام ۾ هدايت جو پندار آهي ۽ منجهس تصوف تحت وحدت در ڪثرت، توحيد، حيرت ۽ وصال جا باريڪ نُڪتا نهايت عمدي انداز ۾ سمجهايل آهن.

**شاهه لطف الله قادري:**

لطف الله قادري (1611ع-1679ع) جي ڪلام ۾ شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جا نُڪتا باريڪ بينيءَ سان بيان ڪيل آهن. هُن جو ڪلام حقيقي معنيٰ تصوفي فِڪر جي مڪمل طور نمائندگي ڪري ٿو. منجهس مجازي يا دنياوي فِڪر تي گهٽ ڪلام ملي ٿو. گهڻو الاهي رمزن ڪي بيان ڪرڻ بابت چيل آهي. سندس ڪلام جا مجموعا جهڙوڪ (1) تحفتہ السالڪين

(2) منهاج المعرفت ۽ (3) سنڌي رسالو دستياب آهن ۽ اُهي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ اهم حيثيت رکن ٿا. سندس ڪلام تي مذهبي رنگ وڌيڪ غالب آهي.

(1)

فقر فاقو جن، 'فقر الفقر'، جن ٿئو
تن ڪي نہ رهئو ڪيترو، وچان وچ وئو
'فلاهم الا انا' ڏسي حال اهو
پس ان ڪهو، سدا حضور حق سين. [21]

(2)

نڪا تانگهہ نہ تَڪيو، نڪا اُتِ اُپِيڻَ جاءِ
اِي گري ڏِسي ڳالهڙي، پير پروڙي پاءِ
هَي هَي ڪندا هاءِ، اِتِ ڪوڙين وئا ڪيترا. [22]

لطف الله قادريءَ جي ڪلام جو فِڪر تمام ڳوڙهو آهي، جنهن جو مثال مٿي ڏنل ٻنهي بيتن ۾ ملي ٿو. بيت نمبر پهرين ۾ فقر ۽ فاقي جو مثال ڏيندي فرمائين ٿا جِن ڪي حق ۽ سچ جي راهہ تي هلڻ سندن مطلب آهي، تن اُها ڳٽِي ناهي تہ اِن دوران چا وهيو ۽ واپريو آهي پر هُو سدائين حضور جي حق ۾ حاضر رهڻ جي جتن ۾ مشغول رهن ٿا ۽ اهوئي سندن شيوو آهي.

بيت نمبر ٻئي ۾فرمايل آهي تہ وڏي نفانفسي آهي ۽ حالتن جي سنگينيءَ ۾ سنڀالي هلڻ گهرجي، جيڪڏهن ائين نہ ڪبو ۽ اجائي تڪڙ ۽ بي احتياطي ڪبي تہ انسان ڪي سواءِ افسوس جي ٻيو ڪجھ ڪين ملندو.

حُسنُ حَبيبن جو، پَسين جي پيهي
تہ توکي سَپيئِي، ٻيُون وَجن وِسري. [23]

هيءَ بيت سچائي ۽ حقيقي حُسن جي فڪر سان ٽمٽار ۽ ساڳيو فلسفو رکي ٿو. ۽ فرمايل آهي تہ حقيقت يعني مالڪ حقيقيءَ جي حقيقت ۽ سچائيءَ جو حُسن لازوال حُسن آهي، جنهن بہ اِن حقيقت کي هڪ ڀيرو پرکي ڏٺو ٻيو سڀ اُن کان وسري ويندو.

**شاهہ عنات:**

ميين شاهہ عنات رضوي (1030-1120ع ڪلاسيڪي شاعريءَ کي وڌو چال ڏنو. هُن تصوف تحت حقيقيت ۽ طريقت جي منجهيل موضوعن کي کُلي بيان ڪيو آهي. هُن ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ نوان موضوع داخل ڪيا ۽ تصوف تحت توحيد ۽ طريقت جي موضوعن سان گڏ پهريون ڀيرو مجازي حُسن کي پڻ اهميت سان ڳايو ۽ اهڙي ريت پهريون ڀيرو ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ مجاز جي تعريف جو نئون باب داخل ڪيو.

(1)

مَتي دائم دَرن، اُپينا عِناتُ چئي
تن جو لِکَ نہ لحظو لنگهئو، ڪِئو خِلاف ڪَرَن
ويروتار وَڏي گهٽو، سندو شوق سَچَن،
سي پڻ روندا رَتُ وَجَن، جن پِريتڻو پرين سين. [24]

هي بيت انسان جي سماجي ڪردار متعلق فِڪر کي بيان ڪري ٿو ۽ منجهن سچائيءَ جون خاصيتون سمايل آهن. ۽ بُرن جي صحبت ۽ سنگت کان منع ڪيل آهي. چاڪاڻ ته سچائي ۽ حق گوئيءَ سان ئي سماج جو اجتماعي پلو ڀيٽو آهي.

ميين شاھ عنات جي ڪلام ۾ عجز و انڪساريءَ سان سچن سان صحبت اختيار ڪرڻ جي تلقين ملي ٿي.

اَڄ اَڏيائُون اَڏ، دل ۾ ديواريون ڪري،
سَڄَڻَ ساھ پساھ جِين، مون سِين آهين گڏ،
کهڙا ڪريين سڏ، هِهڙن هيڪاندن کي.(25)

هِن بيت جو موضوع بظاهر مجاز ۾ ڏيکاريل آهي ۽ هُو پنهنجي سڄڻ (محبوب) لاءِ چون ٿا منهنجي محبوب، منهنجي دل ۾ پنهنجي پيار ۽ چاهت سان جهڙوڪ ديوارون جوڙيون ڇڏيون آهن ۽ هُو هر وقت مون سان گڏ منهنجي ساھ وانگر گڏ آهي. جنهن پيار ۽ لازوال محبت ۾ پاڻ کي هيڪاندو ئي وقف ڪري ڇڏڻ گهرجي.

ميين شاھ عنات جي ڪلام ۾ تصوفي فِڪر کي وڏيڪ سادگيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي. پر اُن ۾ گهري روحانيت جي معنيٰ سمايل آهن. سندس بيت جهڙوڪ عام ماڻهوءَ جي زبان ۾ چيل آهن. اُنهن ۾ دنيا جي ناپائيداري، ۽ آخرت کي اهميت مليل آهي پر اُن سان گڏ مجازي حُسن ۽ عشق چرچا به دل خيز انداز ۾ چيل آهن. سندس ڪلام ۾ فِڪر جي پختگي ۽ سونهن نمايان انداز ۾ جهلڪي ٿي.

## نتيجو:

ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ تصوف جو فلسفو مرڪزي حيثيت رکي ٿو. جنهن هيٺ شريعت، طريقت ۽ معرفت جا مرحلا فڪري ۽ فني انداز مر پيش ڪيا ويا آهن. شاعرن انسان جي ظاهري ۽ باطني سُڌاري، نفس جي پاڪيزگي ۽ حق گوئيءَ کي بنيادي اهميت ڏئي بيان ڪيو آهي. ساڳئي وقت مجازي حسن کي به علامتي انداز ۾ بيان ڪري حقيقي حسن تائين پهچڻ جو وسيلو بڻايو آهي. اهڙي طرح ڪلاسيڪي شاعري نه رڳو روحانيت جي ترجمان پر انساني شعور جي اوسر ۽جمالياتي احساس جي به عڪس نگاري ڪري ٿي.

## حوالا


1. آن لائين انگلش –اردو ڊڪشنري آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس.
2. *https://www.reference.com/art-literature/classical-poetry.*
3. بلوچ نبي بخش، ڊاڪٽر، ’شاھ لطف الله قادريءَ جو ڪلام‘ (تحقيق ۽ تصحيح)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2004ع: ص:21 ۽ 22.
4. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ‘، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 1990ع، ص: 20.
5. دائودپوٽو، عمر بن محمد، علامہ، ’مضمون ۽ مقالا‘ شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي ڪميٽي، حيدرآباد، سنڌ، 1978ع، ص:13.
6. سومروعبدالغفار، ڊاڪٽر، ’شرح ابيات سنڌي‘ (تحقيق )، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، 2008ع، ص:48.
7. ساڳيو، ص:49.
8. رنگريز، حسين غلام، ’تصوف هڪ تحريڪ‘، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ص:14، 15.
9. ٽڪر، هيرو، ’قاضي قادن جو ڪلام (سنڌ ۾ ان جو اڀياس)‘، روشني پبلڪيشن، 1999ع، ص:105.
10. ساڳيو، ص: 92.
11. ساڳيو، ص:97.

12. دائودپوٽو، عمر بن محمد، علامہ، ’مضمون ۽ مقالا‘ شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي ڪميٽي، حيدرآباد، سنڌ، 1978ع، ص:17.
13. ساڳيو، ص:17.
14. قريشي شوڪت، علي محمد قاضي (مرتب): ’چوند ملفوظات غوث الحق حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمة هالائي‘، اداره و ڪتبخانہ قاضي غلام محمد قريشي، هالا پراڻا، 1999ع، ص:305.
15. دائودپوٽو، عمر بن محمد، علامہ، ’مضمون ۽ مقالا‘ شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي ڪميٽي، حيدرآباد، سنڌ، 1978ع، ص:17.
16. قريشي شوڪت، علي محمد قاضي (مرتب): ’چوند ملفوظات غوث الحق حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمة هالائي‘، اداره و ڪتبخانہ قاضي غلام محمد قريشي، هالا پراڻا، 1999ع، ص:305.
17. ساڳيو، ص:306.
18. سنڌي، عبدالمجيد ميمڻ، ’شاھ ڪريم جو ڪلام‘ روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1995ع، ص: 187.
19. ساڳيو، ص:190.
20. ساڳيو، ص:188.
21. سومرو، عبدالغفار، ڊاڪٽر، ’منهاج العمرفت‘ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 2009ع، ص:جھ
22. ساڳيو، ص:18.
23. ساڳيو، ص:44.
24. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’مبين شاھ عنات جو ڪلام‘، (تحقيق ۽ تصحيح)، ڇاپو ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2010ع، ص:91.
25. ساڳيو، ص:201.